ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ صوفياڻو فڪر هڪ تجزياتي اڀياس

***Abstract:***

## An-Analytical Study of Sufism in Sindhi Short Story

*There have been various thoughts expressed and movements initiated for the welfare, improvement and development of mankind in this world which commenced and disappeared over time. Sufism is the only thought that continues to promote harmony, tolerance, mutual respect and humane thinking among human beings. According to the need of time and circumstances, this concept should be viewed with the same importance in every era. Propagation of Sufi thoughts mostly take place in the literature of every language. A large part of poetry has been presenting different aspects of Sufism but in Sindhi literature, along with poetry, this thought has also been raised in prose, novels and stories.*

*Agha Saleem in his novel discusses the characters of famous Sufi saints of Sindh, Shah Inayat Shaheed and Shah Abdul Latif. Similarly, Amar Lal Hanghurani in his story Ado Abdul Rahman, Keerat Babani in the story "Muhammad Ram" and Ayaz Qadri in the story 'Maan Insaan Ahyan". This thought is prominently depicted through various characters. These characters are supporter of truth, are harmless and enlighten the soul as a message of love for humanity.*

*In this paper the stories written on Sufi thought will be studied in order to attract the attention of the writers and readers of the present period to establish that Sufism or Sufi thought not only can be presented through poetry but also through novels and stories in prose. The role of such Sufis in stimulating the thinking of humanity can be presented effectively through this paper. An attempt will be made to explain the significance of such characters in the society by studying specific stories and novels.*

ڪهاڻي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن اڙانگن مسئلن ۽ ان جي وسعت کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. زندگي جي وسعت ۽ گوناگونيت کي جيڪڏهن سمنڊ سان ڀيٽجي ته ان جي قطري قطري تي ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي. گرامي صاحب لکي ٿو: ”افساني جي صنف ايتري ته معنيٰ آفرين، ڪشادي ۽ لامحدود آهي جو هڪ چابڪدست فنڪار هر چيز کي موضوع سخن بڻائي سگهي ٿو. زندگي، ڪائنات ۽ انسان ٽنهي جو نازڪ مبهم ۾ مبهم پيچيده ۾ پيچيده مسئلو افساني جي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو.“[۱]

ڪهاڻيءَ جي فني جوڙجڪ ۾ ڪردار، واقعو رٿابندي، پلاٽ، منظر نگاري، اسلوب ۽ ٻولي جي مناسب جوڙجڪ هڪ مثالي افساني جي ترتيب ۾ اهم جز شمار ڪيا وڃن ٿا.

سنڌي ڪهاڻي جا موضوعاتي ۽ فڪري حوالي سان چار اهم دؤر آهن، جنهن ۾ پهريون دؤر ناصحانه اصلاحي ۽ اخلاقي سڌاري وارو دؤر آهي. ٻيو دؤر حقيقت نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاري وارو دؤر آهي. ٽيون دؤر ترقي پسندي ۽ مزاحمت جو آهي. چوٿون دؤر جديديت وارو آهي. ڄاڻايل فڪرن ۽ موضوعن کان علاوه سنڌي ڪهاڻي توڙي ناول تي سنڌ جي صوفياڻي فڪر يعني تصوف جو به اثر آهي.

سنڌ ۾ جيئن ته مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏ رهيا آهن، جنهن ڪري انهن کي پاڻ ۾ هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ فڪري هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ساڃاهه وندن تصوف کي ذريعو بڻايو آهي. خاص ڪري شاعريءَ تي ان جو گهڻو اثر آهي. صوفيءَ جي نظر ۾ هيءَ ڪائنات تخليقڪار جو ئي مظهر آهي، هو سڀ ۾ پرينءَ کي پسن ٿا. ساڃاهه، شعور ۽ حق جي سڃاڻپ لاءِ هنن اندر کي آئيني جيان اجرو ڪيو آهي. هنن جي دل جون اکيون روشن آهن، جنهن ڪري ”صوفيءَ جي دل ۽ دماغ مان تعصب، تنگ نظري، نفرت، حقارت، رنگ ۽ نسل جو فرق، عقيدت ۽ مذهب جو اختلاف،

فرقي، گروهه بندي، اجائي جانبداري ۽ ناحق ڪرڻ يا باطل پسنديءَ جا جذبا بلڪل متجي وڃن ٿا، ان ڪري هو ڪنهن کي آزار نه ٿو پهچائي سگهي.“[۲]

تصوف يا صوفياڻو فڪر ڪلاسيڪل ادب جو اهم موضوع رهيو آهي. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جي اثر ۽ صوفياڻي فڪر جي اهميت ۽ سگهه کي محسوس ڪندي ان کي افسانوي ادب ۾ هڪ سگهاري موضوع طور ڪنيو ويو. ڇاڪاڻ ته عالمن تصوف کي باطني شعور جو درجو به ڏنو آهي. تصوف جو اهم پاسو پاڻ سڃاڻڻ ۽ انسانيت جي خدمت وارو به آهي. پروفيسر ڪي. ايس ناگپال لکي ٿو: ”تصوف هڪ رويو آهي، هڪ ڪردار آهي، جو بندي کي پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ بعد، سڄي ڪائنات ۾ رڳو هڪ وجود نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ميٺ محبت سوائي ٿيو پوي، انسانن جي خدمت، خالق جي خدمت ٿيو پوي.“[۳] هن مقالي ۾ اسان سنڌ جي صوفياڻي فڪر جو جيڪو رنگ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿو ان جي اڀياس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

سنڌي ادب ۾ هونئن ته ڪهاڻي جي شروعات 1914ع کان لال چند امر ڏنو مل جي ڪهاڻيءَ کان ڪئي وڃي ٿي. پر جديد سماجي حقيقت نگاري واري پهرئين ۽ مثالي ڪهاڻي امر لال هنگوراڻي ’ادو عبدالرحمان‘ نالي سان لکي. هن ڪهاڻيءَ تي سنڌ جي صوفياڻي فڪر جو تمام گهرو اثر آهي. ڪهاڻي سنڌي ادب جو اهو ڪلاسڪ آهي. هي ڪهاڻي يونيسڪو طرفان چونڊيل دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ به شامل ٿي چڪي آهي. هيءَ ڪهاڻي 1930ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿي هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو: ”ادو عبدالرحمان 1940ع ڌاري ٻيهر سنڌس رسالي ساقي ۾ ڇپيل ڪردار نگاريءَ جي شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ صوفي لاڪوفي فقير جو شاندار چٽ چٽيل هو.“[۴] ڪيترن ئي محققن ۽ نقادن هن ڪهاڻيءَ کي بهترين سنڌي ڪهاڻي جي حد ۽ نشان ڄاڻايو آهي. مشهور نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار شوڪت حسين شورو صاحب هن ڪهاڻيءَ لاءِ لکي ٿو، ”امر لال هنگوراڻي جيتوڻيڪ هيءَ ڪهاڻي 80 سال اڳ لکي هئي پر اها اڄ به نئين لڳي ٿي، ادو عبدالرحمان ۾ سنڌي ڪلچر جي خالص صوفي پٽي جا رنگ ۽ آدرش چٽيل آهن. هيءَ ڪهاڻي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي آهي. ادو عبدالرحمان نه رڳو سنڌيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جي شروعاتي دؤر جي نمائنده ڪهاڻي آهي، پر ان کي سنڌي ٻوليءَ جي جديد ڪلاسڪ ڪهاڻيءَ جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.“[۵]

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ صوفي با عمل سچو ۽ کرو ڪردار آهي، ڪهاڻيڪار سندس تعارف هن طرح ڪرائي ٿو. هميشه پنهنجي رمز ۾ رتو پيو هوندو هيو. ڪڏهن مڙهيءَ ۾ ڪڏهن مسجد ۾ اڪثر شام جو سکر ۾ بندر تي ميوو رستي تي ريلوي گڊس آفيس جي ويجهو جتي هٽن جي پرسان تن ڏينهن ساميءَ جا سلوڪ پڙهندا هئا، ويهي ڪن ڏئي رس سان ٻڌندو هو، يعني ائين ٻڻ ٻڻ ڪندو هو. ”ادا عبدالرحمان سمجهين ٿو ڪي نه الاءِ ڪڏهن اک ڪلندئي.“ [٦]

ڪهاڻي مونو لاگ واري انداز ۾ آهي. ڪردار هر عمل ۽ سوچ کي پاڻ سان پاڻ اظهاري ٿو. روڊ تي پيل پٿر جڏهن ڪيس پير ۾ لڳي ٿو تڏهن ئي پاڻ ئي پاڻ کي ملامت ڪندي چوي ٿو، ” اکيون اٿئي آڪاس ۾، جيڪڏهن اکيون کولي هلين هان ته پٿر توکي ڪين لڳي ها. ادا عبدالرحمان جي چڱو مڙس آهين ته پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪر.“[٧] ۽ پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين .

سندس اها سوچ ۽ فڪر نهايت گهرا آهن زندگيءَ ۾ انسان قدم قدم تي ڪيترن ئي پٿرن جي صورت ۾ مسئلن سان ٽڪرائجي ٿو. اهڙا ئي ساڳيا مسئلن جي صورت ۾ ڪيترائي پٿر ٻين جي راهه ۾ ڇڏيندو وڃي ٿو. پر هي سنڌ جي تصوف ۽ صوفيءَ جي روشني آهي. جنهن ۾ هو نه صرف سماج کي پر پاڻ کي به اکيون کولي هلڻ جي هدايت ٿو ڪري، بلڪ راهه ۾ ٻين لاءِ موجود رڪاوٽن کي به هٽائڻ لاءِ پاڻ کي ذميوار سمجهندي اهو عمل ڪري ٿو. پنهنجي رمز ۾ پيهي پاڻ سان سندس گفتگو علم، عقل، حق ۽ سچ تي مبني آهي. ڪاڏو صرف جيئري رهڻ لاءِ ضرورت جيترو ڪائي ٿو. فارسي ڄاڻيندڙ حافظ کي برزبان ياد اردو ٻوليءَ کان چڱو واقف پر پوءِ سادگي ۽ سچائي، گودڙي ڪلهي تي رکي هلندو رهي ٿو.

هڪ ڀيري ڪنهن امير ماڻهوءَ هڪ واڻهڙو تي سوني واچ چوري ڪرڻ جو الزام لڳائي مٿس ڪيس داخل ڪرايو. سيٺ جي اصل شڪايت اها هئي ته همراهه سندس گهر وٽان گذريو هو ۽ اسان جي شرمن ڏانهن به نظر ٿو ڪري. اسين عزت

وارا ماڻهو آهيون. ادي عبدالرحمان کيس گهڻو ئي سمجهايو ته غريب کي ڇڏي پر سيٺ نه مڙيو تڏهن ماڻهن جي ميڙ ۾ ادا عبدالرحمان وڏي آواز ۾ پاڻ سان ڳالهايو. ”ادا عبدالرحمان هي سيٺ باز نه ايندو کيس عزت جو خيال آهي. 35 ورهين جي پيڻ ويني اٿس ته ان کي حق بخشائي ڏنو اٿس ته مَتان اباڻو حصو ڇڪي، پوءِ مڙس کونهي ته ضرور ايترو چوندي بس ڪري ٿو.“[٨] هي اها سوچ آهي جنهن تان 1930ع ۾ امر لال هنگوراڻي پردو کنيو، پر اڄ به سنڌ ۾ دولت مند گهراڻن ۾ نياڻيون ملڪيت جي لالچ ۾ ويهاريون وڃن ٿيون، هنن کي پنهنجو حق نه ٿو ڏنو وڃي. سندس ڪردار اتي بس نه ٿو ڪري بلڪ ملڪ جي سڀ کان سگهاري عدالتي نظام جي سامهون پنهنجي صاف دل سچي دل سان اڏول ٿي بيهي ٿو. ان ڪيس ۾ جڏهن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ گودڙي سميت حاضر ٿئي ٿو. ڪورٽ ۾ ڪيس سچ ڳالهائڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. هو ته سدائين سچ جو ساٿاري رهيو هو.

سندس ظاهري فقيراڻو ويس ڏسي ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ مٿس جج ٺٺول ڪري ٿو پر جڏهن سندس ڪرا جواب ٻڌي ٿو تڏهن خفي ٿيڻ لڳي ٿو جڏهن سرشتيدار کائنس مذهب جو پڇي ٿو تڏهن سندس جواب ۽ ردعمل هن طرح آهي. پاڻ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ادا عبدالرحمان سرشتيدار صاحب مذهب ٿو پڇي. ياد ڪجانءِ ته قسم کنيو اٿئي ته سچ کان سواءِ ڪجھ ڪونه چوندس سوال ته ڏاڍو اگرو آهي جي چوان ٿو مسلمان ته هندو ڪندا دل ۾ سچ ڪري چئو، ڪين سچل جو گفتو ٻُڌائي ٿو، ’هندو مومن ناهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان‘ سندس اهڙي جواب تي جڏهن ڪيس جج مسلمان سڏيو. ٻئي سوال تي سرشتيدار کي چيائين ته ان جو جواب به جج کان پڇيو. جنهن تي جج کي سخت ڪاوڙ اچي ٿي. ڪيس چٽ سڏي ٿو. موٽ ۾ پاڻ مشڪندو چوي ٿو، چٽ چڱي طرح جواب ڏئي پر هڪ سوال جج کان پڇيو، چٽ ڇا کي چئجي؟ جو عبدالرحمان ته پاڻ پنج ٻوليون لکي پڙهي ڄاڻي ۽ جج ڪيتريون ٻوليون ڄاڻيندو هوندو. جج هن جي پاڻ سان ٿيندڙ گفتگو جي وچ ۾ ڳالهائيندي کيس چوي ٿو جيڪو انگريزي نه ڄاڻي اهو چٽ آهي .

ان وقت عبدالرحمان جي اندر جو اهو جرئت مندانه سچو انسان کيس پري ڪورٽ ۾ چيو، ”پاڻ انگريز ٽوپڻ مل جو پٽ پٽس ڍڪ منشي پڇئينس سائين تڏهن اوهان جا ابا ڏاڏا جي انگريزي نه ڄاڻندا هئا، سي به چٽ هئا. يعني توهان چٽ جا ... !“[٩] جج سخت ناراض ٿي وڏيڪ ڳالهائڻ بدران ڪيس ڪورٽ جي بي ادبي ۽ مٿس ڪاروائي جي ڌمڪي ڏيندي لکت ۾ جواب لاءِ چويس ٿو. پر ادي عبدالرحمان جو جواب سنهري لفظن ۾ لکڻ جهڙو، بلڪ هر ڪورٽ ۾ لکي ديوار تي لڳائڻ جهڙو آهي. هو جواب ۾ ڪورٽ پاران شاهدن کي عوام جو حاڪم نه پر نوڪر سڏي ٿو. جج پاران ٿيندڙ تذليل جو تفصيلي جواب لکي ٿو جو ڪورٽ پاڻ خط لکي ماڻهن کي گهرائيندي آهي. ۽ آئي جو آڌر تذليل کان سواءِ ڪجھ به نه آهي. جنهنڪري بيان ۾ ادو عبدالرحمان اهو به لکي ٿو ته ”توهين سبب ڏيکاريو توهان کي ڇو نه موقوف ڪيو وڃي. جو توهان ڪورٽ ۾ شاهدن کي گاريون ڏنيون آهن. ادي عبدالرحمان کان جيئن ته توهان قسم کڻايو آهي ته خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس. سچ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪين چوندس. سو سچ ئي چيو آهه .“[١٠]

ادو عبدالرحمان سنڌ جي صوفياڻي رنگ ۾ رتل نهايت ئي سگهارو ڪردار آهي. واٽ ۾ رڪاوٽون هجن، ڪنهن مسڪين سان ڪو ناحق ڪندو هجي يا ملڪن جو مضبوط عدالتي نظام هجي. هو سيني کي پنهنجي صداقت، حق ۽ سچ تي اڏول ٿي بيهڻ سبب جهڪائي ٿو. هي صوفي سچل جي سچائيءَ واري واٽ جو سچو پانڌيئڙو ۽ حق جو پرتوو آهي. هن جو ضمير وڏي آواز سان ڳالهائي ٿو، دنيا جي ناڪاره نظام سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. هي صوفي ڪو انگ اگهاڙو ناهي نه ڪنهن اوتاري ۾ گوشائتو ويٺل آهي، پر حق جي لاءِ اٿندڙ آواز سان آواز ملائي غلط روايتن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪري ٿو.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو اهڙو ڪردار ڪيرت ٻاٻاڻي، محمد رام جي نالي سان ملامتي صوفي جو تخليق ڪيو جيڪو ڀڻ لڪ ڇپ ۾ غريبن جي مدد ڪري ٿو. ظاهر ۾ هڪ عام فقير آهي. پر ڪيرت ٻاٻاڻي هن ڪردار جي ذريعي تصوف يا سنڌ جي صوفياڻي فڪر کي سماج سان ڳنڍيو آهي. ڪيرت هن ڪردار جو تعارف هن ريت ڪرائي ٿو. ”هو هندن وٽ به ويندو هو ته مسلمانن وٽ به ويندو هو. هو مندرن ۾ به رات گذاريندو هو ته مسجد ۾ به ڏينهن ڪاٽي وٺندو هو. ڪلمو به پڙهي ويندو هو ته اوم جو منتر به اچاري سگهندو هو. هندن کي رام رام چوندو هو ۽ مسلمانن کي سلام عليڪم

پڪاريندو هو.“[11] جڏهن ڪيس سندس نالي محمد رام تي ٽوڪ ڪندي چيو ويو ته هن پنهنجي نالي جي ڪچٽي چو ٺاهي آهي ”تڏهن بلڪل تحمل ۽ ڌيرج سان جواب ڏنو هئائين ، توکي خبر آهي ته ڪنهن قسم جو روڳ ٿيندو آهي ته حڪيم ڪچٽي ڪائڻ جي صلاح ڏيندو آهي.“[12] هن ۾ ڪهاڻيڪار ان وقت جي حالتن جي روڳ ۽ ان جي علاج جي به ڳالهه ڪئي آهي. سامراجي قوتن جي فاشزم پاليسي ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو جو حل هندو مسلم اتحاد، هڪٻئي کي تسليم ڪرڻ ۽ هڪٻئي جو احترام ڪرڻ ٻڌايو آهي.هي ڪردار سماجي اڻ برابري، ماپ تور ۾ ٺڳي ڪندڙن ۽ ٻين سماجي برائين جي خلاف پنهنجي مخصوص انداز ۾ مزاحمت ڪندي آواز اٿاري ٿو. مجبور ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪري ٿو.

هن موضوع تي ٻي اهم ڪهاڻي اياز قادري جي ’مان انسان آهيان‘ جي نالي سان آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار فقير بابا آهي.جيڪو ڪڏهن مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي گِهنٽين جا آواز ۽ صدا ٻڌي وڃي مندر جي دروازي تي ويهي سڪون محسوس ڪري ٿو. اتي ايندڙ ويندو مرد، عورتون ڪيس ڀڳوان جو سنت سمجهندا هئا. ساڳي طرح صبح جي آذان وقت مسجد جي دروازي وٽ ويهي قرآن پاڪ جي قِرات ٻڌي دلي سڪون ۽ راحت محسوس ڪندو هو. هي ڪردار بلڪل بي ضرر انسانيت جو مجسمو آهي. ورهاڱي جي ٻرندڙ باهه ۾ انسانيت کي ساڙيو وڃي ٿو. رات جي اونداهيءَ ۾ مسلمانن جو خنجر به هن جي سيني تي هليو ته هندن جو ڪرپان به هن جي ڪُک ۾ کوڙيو ويو. هتي رات جي اونداهي ڇڻ هڪ اٽڃاٽائي ۽ جهالت جي علامت آهي. جنهن ۾ انسان انڌو ٿي ٻين تي وار ڪري ٿو. توڙي انسانيت جو اعلي مجسمو حق جي حقيقي روشني کان منور ٿيل انسان جنهن کي رات جي اونداهيءَ ۾ ڀونڪندڙ ڪتا به سڃاڻي خاموشيءَ سان هليا ٿا وڃن. اتي حيوان نما انسان هن تي وار ڪن ٿا. هو پنهنجو لاش ٻنهي هندن توڙي مسلمانن کي ڏيڻ لاءِ چوي ٿو، ته جيئن هو زخمي انسانيت ۾ پنهنجي وحشت ۽ جهالت جي شڪل ڏسي سگهن .

ان کان علاوه شيخ عبدالرزاق راز جي ڪهاڻي ’ڪاڪو ٿيرٿ‘ ۾ هڪ اهڙي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي جيڪو انسانيت جو مجسمو آهي، ٻارڙن سان بي پناه محبت ڪندڙ ڏک سک ۾ بغير مذهبي فرق رکڻ جي هرهڪ جي مدد ڪندڙ ، ورهاڱي وقت ڪيس هي ڏيهه ڇڏڻو پيو.

هنن ڪهاڻين کان علاوه مجازي محبت مان عشق جي حقيقي واٽ وٺندڙ ڪردارن کي به مختلف ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. انهن ۾ حميد سنڌي جي ڪهاڻي ’ٽوٽ ڏرتي‘ جو ڪردار ’پرو‘ مجازي محبت جو ڏاڪو چڙهي مينهائي مست جي طور سڃاڻپ پيداڪري ٿو.’هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو‘ جي صدا جڏهن بلند ڪري ٿو مينهن جا وسڪارا شروع ٿيو وڃن.آخري سوڪهڙي وقت جڏهن سندس صدا سان مينهن نه پئي وسيو، ته پنهنجو مٿو ڏرتيءَ سان ٽڪرائي رت جو ريج ڏنائين جنهن کان پوءِ مينهن وسڻ شروع ٿئي ٿو لکي ٿو: ”ها مولا هيءَ ٽوٽ ڏرتي دان گهري ٿي، رت جو ريج گهري ٿي، سو تون منهن نه موڙ ، باقي بندو حاضر آهي ائين چئي پرو نوڙيو وڃي فرش پر نراڙ رڪيائينءِ زور سان ڏرتيءَ تي ٽڪر هڻڻ لڳو.“[13] آخر ۾ ڪهاڻيڪار ڌرتيءَ تي سڪار ۽ وسڪاري جو سبب اهڙين قربانين کي ڄاڻائيندي لکي ٿو ”چون ٿا جڏهن به اسان جي ڏرتي ٽوٽ ٿي ويندي آهي ته ڪو نه ڪو مست ان کي رت جو ريج ڏئي ويندو آهي ۽ الائجي ڪيترن مستن جو هن ڌرتيءَ کي ريج ڏنل آهي جو هاڻي ڪڏهن به هت سوڪهڙي نه ٿيندي آهي.هميشه جهڙڦڙ جون بهاريون هونديون آهن ۽ اني جي مند ڪڏهن به کوٽي نه ٿيندي آهي.“[14] هن ۾ توڙي جو ظاهري طور ڪٿي به شاهه عنايت شهيد جو نالو نه ڪنيو ويو آهي پر تاريخي طور رت جو اهڙو ريج صرف شاهه عنايت شهيد ڏنو ، نه ڪي ڪنهن به ڪرامتن جي صاحب. جنهن ڪري سنڌ جي صوفياڻي رنگ جو هڪڙو مثال هن ۾ ان نڪتءِ نظر کان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.علي بابا جي ڪهاڻين جي مجموعي ’آيل ڙي اولاٽا‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’سين هنيائون سج ۾‘ سج ۽ رج جو سفر ڪندڙ سامين جي قافلي جو هڪ اهم ڪردار آهي، جيڪو عالم جي سڪار لاءِ سج جو سفر ڪري ٿو. ان قافلي جي هڪ اپسرا جي نيٽن جو شڪار ٿئي ٿو. ڪيس اها اپسرا چوي ٿي ”تون ڳالهائين ڪوهه نٿو، ٻڌاءِ منهنجي پريم موهه ڏوهه ۾ ڪاپڙي ٿيندين، ڪن چيرائيندي؟مون کي تو ۾ پورو وشواس آهي.“[15] جواب ۾ ڪيس چوي ٿو ”ترس نه پوري ڳالهه نه مهاڙ. ايڏو ڦوڙائو، گيڙوءَ رتو آهيان. جي نيٽن سان گڏ ٻانهن به وڌائي اٿئي ، ته پوءِ مون کي به اروڙ جي ٻنڌ ڀڃڻ اچي ٿي.“[16] هيءَ به سنڌ جي منفرد

ويدانتي ۽ انساني محبت جي فڪر جي هڪ تصوير آهي. مدد علي سنڌي جي ڪهاڻي ’وياگذري ڏينهڙا‘ جو مرڪزي ڪردار مجازي محبت جي وڇوڙي بعد فقيري رنگ اختيار ڪري ٿو. هو جڏهن پرسوز آواز ۾ ڪافيون ڳائي ٿو ته سڄي ماحول تي وجد طاري ٿي وڃي ٿو. سڄي ڪهاڻي ماضيءَ جي سارون تي مشتمل آهي. انهن سارون مان ڪهاڻيڪار مجازي محبت جي بنيءَ ۾ پڇي لال ٿي نکرندڙ هن ڪردار اهميت ڪي بيان ڪيو آهي. لکي ٿو. ”فقير آڌيءَ رات جو جيڪي ڪافيون ڳائيندو هو، تن مان ’روئندي عمر نباهي‘ ’يار دي خبر نہ ڪائي‘ ۽ ٻي ’نهين يار ملندا،نهين موت آوندي‘ مون ڪي اجا بہ ياد آهن. فقير جي ڏکايل آواز ۾ اهي ڪافيون تاريڪيءَ جو سينو ڦاڙي، سڄي ماحول تي ڇائنجي ويندييون هيون.“[17] سوز ۽ محبت جو اهڃاڻ بڻيل هن فقير جي راڳ ڪي ورهاڱي ڪان پوءِ ايندڙ ماڻهن سنڌ مان ڌڪاري ڪڍيو ،پر پوءِ بہ هو سنڌ جي سرحد سان ويجهو ڪنهن علائقي ۾ وڃي رهي ٿو تہ جيئن سندس محبوب جي ڏيهہ جون هوائون ڪيس لڳنديون رهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ تصوف جي اها صورت هتي هن ڌرتيءَ جي پنهنجي آهي. ڪوڙ ۽ ناحق ڪان ڌڪار، سچ، حق ۽ انصاف سان پيار موجود آهي. صوفياڻو فڪر عام سماجي انصاف ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو.

طاقتور جي سامهون مقابلو سنڌ جي صوفين تاريخ ۾ عملي طرح بہ ڪيو تہ هنن افسانن ۾ بہ اهو فڪر ۽ فلسفو آهي.

ورهاڱي سنڌ جي صوفياڻي وجود ڪي وڍيو، چريو ۽ چچريو هو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي صوفياڻي مزاج جا ڪردار آهن، جيڪي محبت، همدردي، حق، سچ جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ ان جو ساٿ ڏين ٿا.

## حوالا


١. گرامي مولانا غلام محمد، ’تاريخي افسانا ۽ ڊراما‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ٢٠١٢ع، ص: ١٣.

٢. چشتي، پرفيسر سليم ، ’تصوف جي تاريخ‘ ، (مترجم عبدالجبار عبد) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٥ .

٣.ناگپال، ڪي. ايس، پروفيسر، ’صوفي لاکوفي‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ١١٤.

٤.ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع، ص: ٥٩.

٥. شورو، شوڪت حسين، ’سو سال جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون‘ ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، ٢٠١٧ع، ص: ١٨.

٦. هڱوراڻي، امرلعل، ’سو سال جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون‘ (مرتب: شوڪت حسين شورو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، ٢٠١٧ع، ص: ٦٥.

٧. ساڳيو، ص: ٦٥.

٨.ساڳيو، ص: ٦٦.

٩.ساڳيو، ص: ٦٩.

١٠. ساڳيو، ص: ٧٠.

١١. ٻاٻاڻي ڪيرت، ’چونڊ سنڌي ڪهاڻيون‘ (مرتب: گوبند مالهي، ڪلا ريجهہ سنگهاڻي) ساهتيہ اڪيڊمي، نئين دهلي، ١٩٨١ع، ص: ١٢٨

١٢. ساڳيو، ص: ١٣٠ .

١٣. سنڌي، حميد، ’ويريون‘ ، زندگي پبليڪيشن ،حيدرآباد، ١٩٨١ع ، ص: ١٣٣.

١٤. ساڳيو، ص: ١٣٣.

١٥. علي بابا، ’آيل ڙي اولاڻا‘ ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٨٤ع، ص: ١٨٢.

١٦. ساڳيو، ص: ١٨٤ .

١٧. سنڌي، مدد علي، ’دل اندر درياءُ‘ ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٨٠ع، ص: ٦٥.